ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.7 No.3, 2023

# ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعريءَ جي موضوعن جو سماجي-ثقافتي جائزو

# A Socio-Cultural Analysis of the Themes of Dr. Naveeda Katpar's Poetry

1.ڊاڪٽر ڦُلُو ’سندر‘ ميگهواڙ، 2. ڊاڪٽر اُمِ هاني سندو، 3. ڊاڪٽر برڪت علي ڏاهري, 4. ساجده زرداري

**Dr. Phuloo `Sunder` Meghwar**
Assistant Professor
Department of Sindhi, Shaheed Benazir Bhutto University,
Shaheed Benazirabad, Sindh.
Co-Authors:
**Dr. Ume Hani Sindhu**
Lecturer
Department of Sindhi, Shaheed Benazir Bhutto University,
Shaheed Benazirabad, Sindh.
**Dr. Barkat Ali Dahri**
Lecturer
Government College of Education,
FB Area, Block 15, Karachi, Sindh.
**Ms. Sajida Zardari**
BS (Sindhi)
Department of Sindhi, Shaheed Benazir Bhutto University,
Shaheed Benazirabad, Sindh.

**Abstract:**

*Dr. Naveeda Katpar's poetry, an emerging voice in contemporary Sindhi and Urdu literature. Through a detailed examination of her poetic works, this study explores the interplay between form and content, highlighting her innovative use of language, structure, and imagery. The analysis delves into the underlying philosophical themes that permeate her poetry, including feminism, existentialism, the nature of human suffering, and the quest for identity and meaning in a fragmented world. By employing a multidisciplinary approach that integrates literary criticism, philosophy, and linguistic analysis, this paper aims to uncover the intricate layers of meaning in Katpar's work, shedding light on her contribution to modern poetic discourse. This study not only situates Dr. Katpar's poetry within the broader context of contemporary literature but also examines its relevance to ongoing debates in philosophy and poetics, making a case for her as a significant figure in the literary landscape.*

*This paper presents a socio-cultural analysis of the thematic elements found in the poetry of Dr. Naveeda Katpar, a prominent contemporary poet known for her evocative expression of societal and cultural dynamics. The study examines how her poetry reflects the complex interplay of tradition, identity, gender, and social justice within the context of South Asian culture. By analyzing selected poems, the paper explores how Dr. Katpar employs literary devices, symbolism, and cultural references to critique societal norms, challenge patriarchal structures, and advocate for the marginalized. The research aims to shed light on the cultural and social undercurrents that shape her poetic voice, offering insights into the broader implications of her work in contemporary literature. Through this analysis, the paper contributes to a deeper understanding of how poetry can serve as a powerful medium for socio-cultural commentary and transformation.*

**Keywords:** Sindhi Language, Sindhi Modern Poetry, Soicio-cultural, Sindh, Sindhi, Dr. Naveeda Katpar, Feminism, Feudalism, Progressivism

**تعارف:**

ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم نالو آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ذريعي سماجي ۽ ثقافتي مسئلن کي اُجاگر ڪيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سماجي نابرابري، صنفي تفاوت، ۽ ثقافتي شناخت جهڙن موضوعن کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر

حرف وسخن HARF-O-SUKHAN Urdu Research Journal of PAKISTAN
ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
*Vol.7 No.3, 2023*

ڪٽپر جي شاعريءَ جي مختلف موضوعن جو تفصيلي جائزو وٺندي، ان ڳالهه تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ڪيئن هن جي شاعري سماجي ۽ ثقافتي تبديليءَ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

شاعري جا فڪري لاڙا وقت سان گڏ تبديل ٿيندا رهن ٿا. جديد شاعريءَ ۾ شاعر جي ذاتي احساسات، تجربن ۽ اندروني دنيا جو اظهار زور وٺي رهيو آهي. شاعر پنهنجي داخلي جدوجهد ۽ جذباتي حالت ۽ ڪيفيت کي شاعري ذريعي پيش ڪن ٿا. شاعر چاڪاڻ جو سماج جو باشعور ۽ ذميوار فرد آهي، تنهن ڪري، شاعر سماجي مسئلن تي به لکي ٿو، جيئن ته غربت، عدم برابري، ۽ انساني حقن جي خلاف ورزيون. شاعر جو سماج طرف ذميواراڻو رويو ۽ لاڙو سماج ۾ مثبت تبديلي لاءِ تحرڪ پيدا ڪري ٿو. شاعر کي نه صرف پنهنجي آسپاس جو فڪر هوندو آهي، بلڪه هو زمان ۽ مڪان کان مٿانهون به سوچي ٿو، ۽ ڪيس سموري ڌرتيءَ جو اونو پڻ هوندو آهي. ”شاعري هڪڙي دور جي عڪاسي هوندي آهي، جنهن تي ٻيو ايندڙ دور سُٺو موقف رکي سگهي ٿو. جيئن حسن درس چيو آهي ته، ’شاعريءَ تي ڳالهائي نٿو سگهجي، چو ته شاعري پاڻ ڳالهائيندي آهي.‘.... شاعري ادب ۾ گهڻي فلسفي سان مُشابهت رکندڙ صنف آهي، شاعريءَ ۾ ڪيفيت جو بيان ڪرڻ معنى هڪڙي ڪهاڻيءَ کي هڪ سٽ ۾ بيان ڪرڻ برابر آهي. ۽ شاعري هڪڙي پوري دور جي تاريخ هوندي آهي.“ (ساگر، 2017ع، ص. 24) هر دور جون پنهنجو تقاضائون ۽ مسئلا هوندا آهن. هِن دور ۾ مُلڪي يا عالمي سطح تي ٻولين ۽ ثقافتن جون هڪٻئي مٿان ڪاهون پڻ آهن، شاعر انهن تضادن کان به واقف هوندا آهن. سنڌي جي جديد شاعر جي پنهنجي ڌرتي جي مسئلن جي ڄاڻ آهي ته عالمي ثقافتي تنوع تي به اک آهي. هر دور جا فڪري لاڙا ان دور جي شاعريءَ کي نين معنائن ۽ مقصدن سان مالامال ڪن ٿا، ۽ شاعري جي دنيا ۾ نواڻ جو عنصر شامل ڪن ٿا. شاعر نه صرف سماج لاءِ بهترين راهون هموار ڪرڻ لاءِ گهربل فڪري گهرجون پوريون ڪندا آهن، بلڪه ان مخصوص دور جي لاڳاپيل سماج جي فردن جي نفسياتي سطح کي سمجهندي، فني طور پڻ، پيا هر روز نوان نوان تجربا ڪندا آهن. فني نواڻ، ۾ شاعر تجرباتي طرزون ۽ انداز پنهنجائن ٿا، جهڙوڪ گهاڙيٽن ۾ مختلف تجربا، تخليقي زبان، ۽ ادب ۾ ٽيڪنالاجي جو استعمال وغيره.

شاعري ذريعي سماجن جي سڌاري ۽ بهتري لاءِ، شاعرن سان گڏ شاعرائن جو اهم ڪردار رهيو آهي ۽ سندن جذبا، شاعريءَ ۾ ظاهر ٿين ٿا. جيڪي ادب ۾ تبديليءَ جو اهم حصو بڻيا. عورتون شاعريءَ ذريعي نه صرف پنهنجي انفرادي احساسن جو اظهار ڪن ٿيون، پر انهن مسئلن تي به روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، جيڪي انهن جي روزمره جي زندگي تي اثر انداز ٿين ٿا. تن مان اهم آهن؛ 1. خود مختاري ۽ آزادي: جديد دور ۾ عورت شاعرائون پنهنجي ذاتي آزادي ۽ خودمختاريءَ بابت ڳالهائيندي نظر اچن ٿيون. انهن جي شاعريءَ ۾ اهو لاڙو واضع آهي ته ڪيئن اهي پنهنجن حقن لاءِ جاڪوڙڻ ۽ سماجي بندشن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. 2. سماجي ۽ ثقافتي موضوع: عورت شاعرائون پنهنجي سماجي ۽ ثقافتي حيثيت تي سوال اٿاريندي نظر اچن ٿيون. انهن جي شاعريءَ ۾ صنفي فرق، عورتن جي حقن، ۽ معاشرتي عدم برابريءَ جي خلاف هڪ مضبوط آواز شامل آهي. 3. وجودي ڪيفيتون ۽ ذاتي تجربا: عورت شاعرائون پنهنجي ذاتي تجربن ۽ احساسن کي شاعريءَ ذريعي بيان ڪرڻ ۾ مهارت رکن ٿيون. انهن جي لکڻين ۾ محبت، درد، جدائي، پيڙا ۽ ذاتي جدوجهد کي انتهائي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. 4. همت ۽ حوصلو: جديد شاعريءَ ۾ عورتن جي حوصلي ۽ همت کي خاص اهميت حاصل آهي. انهن نه پاڻ سرينڊر ڪيو ۽ اهي ٻين عورتن کي به همٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ته اهي به پنهنجي زندگيءَ ۾ مثبت تبديليون آڻي سگهن. 5. فطرت ۽ حسن: عورت شاعرائون فطرت ۽ حسن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪرڻ جو ذريعو بڻائين ٿيون. قدرتي منظر ۽ حسن جا مظهر انهن جي لکڻين کي وڌيڪ رنگين ۽ دلڪش بڻائين ٿا. اهي موضوع ۽ جذبا جديد عورت شاعرائن جي شاعريءَ کي نه صرف متاثر ڪن ٿا، پر سماجي ۽ ثقافتي شعور کي به نئين رخ فراهم ڪن ٿا. انهن جي لکڻين مان عورتن جي اندروني دنيا ۽ انهن جي سماجي جدوجهد جو بهترين نمونو ملي ٿو.

جديد سنڌي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ جتي شاعرن آبياري ڪئي، ته گڏوگڏ شاعرائن پڻ پاڻ ملهايو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بهترين شاعرائن ۾ نئين ٽهيءَ جي شاعره ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جو نالو پڻ اهم آهي. ڊاڪٽر ڪٽپر صاحبه جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ”لاڙڪاڻي ضلعي کي سياسي حوالي سان جيڪا سڃاڻپ ملي آهي، ان کان اڳ، ان ضلعي کي ادبي ۽ شعري حوالي سان گهڻي ۽ اهم حيثيت حاصل رهي آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ ان جي مضبوط شاهدي ڏيندي، جيڪڏهن اها صحيح طور لکي وڃي.“ (ٻرڙو، 2012ع، ص. 09) ۽ لاڙڪاڻي جي زرخيز مٽي مان جنم وٺندڙ شاهڪار تهذيب موهن جي دڙي جا ساکي ۽ وارث ڪئين نروار ٿيندا، انهن مان ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جو نالو چمڪندڙ ستاري وانگر جرڪندي نظر ايندو. سندس ماءُ جو شمار بهترين اديبائن ۾ ٿئي ٿو، ته ڪيس سندس وڏي ڀيڻ عيني سحر (عزيز بيگم) وٽان به گهڻو ڪجھ سکڻ وٽان مليو، جيڪا پڻ

هڪ بهترين ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره آهي. سندس پرورش ادبي ماحول ۾ ٿيڻ سبب ڊاڪٽر صاحبه ستين ڪلاس ۾ پڙهڻ وقت ننڍڙي عمر ۾ شعر لکيو؛

ڪاش! مان مسيحا هجان ها،
توکي هر ڪرب کان بچايان ها،
۽ تنهنجي پيڙائن ۽ ڏکن کي،
جلائي رک ڪري ڇڏيان ها،
مان تنهنجي وجود کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيان ها،
ظالم پيانک دنيا کان بچائي،
توکي هر خوشي بخشيان ها،
ها مان توکي پاڻ ۾ ايئن سمايان ها،
جيئن دنيا وارا توکي ڏک پهچائڻ لاءِ،
ڪٿي به ڳولهي به نه سگهن ها،
توکي دل جي هر ڌڙڪن،
۽ ساهن جي رواني ۾ لڪائي ڇڏيان ها،
درد جو درمان ٿيان ها،
ڪاش! مان مسيحا هجان ها.

ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جڻ فن (Art) جو طبعي روپ آهي، جو پاڻ شاعري کان علاوه اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ، مصوري، ته موسيقيءَ سان پڻ تمام گهڻو چاهہ رکي ٿي. ڪيس علم سان عشق آهي، جو ادب پڙهڻ لکڻ سان گڏ، ايل ايل بي، بي اي، ايم اي، ايم فل، ملائيشيا مان پي ايڇ ڊي ڪئي، ۽ اڄڪلهہ ايل ايل ايم ڪري رهي آهي. پاڻ ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ پڻ اڳڀري رهي ٿي. سارنگا ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي جي سيڪريٽري، ملايا يونيورسٽي ۾ پاڪستاني شاگردن جي سٿ جي پڻ سرگرم سرواڻ رهي. پاڻ سنڌي ۽ اردو ٻولين جي بهترين شاعره آهي. سندس ڇپيل سنڌي شاعري جي ڪتابن ۾ 'تو کان- تو تائين' ۽ 'اڌورا خواب' ۽ اردو ۾ 'اجنبي جزيرون پر' هڪ بهترين ڪتاب آهي، جڏهن ته ٽي ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ عورت شاعرائن جي شاعريءَ جي فني ۽ فڪري جائزي جا ڪيترائي دلچسپ ۽ اهم لاڙا سامهون اچن ٿا، جيڪي سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ثقافت ۾ عورتن جي ڪردار کي وڌيڪ نمايان ڪن ٿا. عورت شاعرائن جي شاعريءَ ۾ نه صرف فني مهارت جو اظهار آهي، پر فڪري گهرائي پڻ موجود آهي. ڊاڪٽر نويده يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ جهڙي اهم ذميواريءَ سان گڏ، پنهنجي شاعراڻي فن ذريعي جمالياتي اظهار ڪرڻ لاءِ پڻ پرجوش نظر اچي ٿي. سندس شاعري ڪائناتي حسن، سماجي مسئلن سان گڏ اندر جي پيڙائن سان پرپور آهي، مطلب ته سندس شاعري تخيل ۽ درد سان ٽمٽار آهي.

فني حوالي سان جديد دور جي عورت شاعرائن پنهنجي شاعريءَ ۾ لساني جدت يعني زبان جي نواڻ ۽ تخليقيت کي اهميت ڏني آهي. اهي جديد اصطلاح، محاورا، ۽ تشبيهون استعمال ڪندي پنهنجي شاعريءَ کي نئين رنگ ۾ پيش ڪن ٿيون. صنفني فني گهاڙيٽن جي اعتبار سان، عورت شاعرائون نظم ۽ غزل ۾ پنهنجي مهارت ڏيکارين ٿيون. سندن غزل ۽ نظم ۾ جذباتي گهرايون ۽ سماجي-ثقافتي موضوعن کي جديد انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه، جديد عورت شاعرائن پنهنجي فن ۾ تخليقي آزاديءَ جو اظهار به ملي ٿو. اهي روايتي شاعريءَ کان هٽي ڪري، نون موضوعن، ۽ تجرباتي اسلوبن کي پنهنجائي رهيون آهن.

"نويده ڪنڀر جي شاعري به اِهو محسوس ڪرائي ٿي ته، اها ڪنهن تڙپ يا پيڙا جي اثر هيٺ وجود ۾ آئي آهي، جنهن ۾ وڇوڙي جي ڪيفيت جو رنگ نمايان آهي. سندس اهڙي مجموعي اظهار ۾ هن جي ٻولي، فڪري پهچ، مشاهدي ۽ داخلي احساسن جي گهرائي جو اهم حصو آهي. ڪنهن به شعري تخليق ۾ فني ڳانڍاپي واسطي صنف جو سهارو به ونڻو پوي ٿو، ان لاءِ صنفي گهاڙيٽن جي ڄاڻ به ضروري آهي." (سومرو، 2023ع، ص.07)

ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعري ۾ زبان جي تخليقي استعمال کي وڏي اهميت حاصل آهي. اهي جديد اصطلاحن ۽ محاورن کي استعمال ڪندي، پنهنجي شاعريءَ کي نئين رنگ ۾ پيش ڪري ٿي. ڊاڪٽر صاحبه جي شاعريءَ ۾ قدرتي منظرن ۽ انساني احساسن جي تصويرڪشي، هڪ اهم خصوصيت آهي. تشبيهون ۽ استعارا سندن لکڻين کي وڌيڪ دلڪش بڻائين ٿا.

**ڊاڪٽرنويده ڪٽپر جي شاعريءَ جي موضوعن جو سماجي-ثقافتي جائزو:**

ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ پنهنجون صلاحيتون ڏيکاريون آهن. سندس شاعريءَ جي موضوعاتي گوناگونيت ۽ فڪر جي گهرائي، ۽ ان کي وري اهڙي انداز، اسلوب ۽ ٻوليءَ سان بيان ڪرڻ جو پڙهندڙ جي اندر پيهي وڃي، اهي خوبيون جديد شاعريءَ جي ڪيتر ۾ نه صرف ڪيس منفرد حيثيت بخشين ٿيون، بلڪه ڪيترن ئي شاعرائن ۽ شاعرن کان اڳيان ٿيون بيهارين. "نويده ڪٽپر جو هيءُ تخليقي اظهار ڪنهن آرٽسٽ جي اندر جي اُڌمن جي اُڇل آهي، جنهن ۾ اڻپورا سپنا آهن، سمنڊ جا ڪنارا، اداس بيٺن جي اڪيلائي، بهارن ۾ جنم جي باوجود سڄي حياتي خزان سان گڏ گهارڻ جو الميو، اکين جي برسات، اوسيئڙو ۽ اهڙيون ڪيئي ڪيفيتون جن جو اظهار پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جو هڪ ڏڦ هوندو آهي، ۽ اها ئي آرٽسٽ جي اندر جي ڪلپنا آهي، جيڪا پڌري ٿيڻ لاءِ آتي هوندي آه، جنهن ۾ ڪنهن به پذيرائي ۽ ساراهه جي طلب ناهي هوندي. نويده ڪٽپر جي به اها حاصلات آهي، ته هن پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ، اڻ تڻ، ۽ بيچينيءَ کي لفظن جي روپ ڏيڻ جو آرٽ سِکي ورتو آهي. اها ئي هن جي ڪاميابي آهي."( سومرو، 2023ع، ص. 07 ۽ 08)

هيٺ ترتيبوار سندس شاعريءَ جي موضوعن جو اڀياس پيش ڪجي ٿو.

1. **ذاتي/ فردي سڃاڻپ ۽ سماجي-ثقافتي اصولن جي ٽڪراءُ:**

جاگيرداري سماجن ۾ عورتن لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو ڪين هڪ مُڪمل فرد ڪري تسليم ڪرڻ، ۽ سندس ذاتي سڃاڻپ کي قبول نه ڪرڻ آهي. هنن جو وجود بين جي عزت سان مشروط آهي، جڻ سندن پنهنجو نه وجود ۽ نه ئي سندن ڪا سڃاڻپ. تنهن ڪري، اهي سماج جي سڀني مردن سان جنهن به رشتي، يعني ڀيڻ، زال، ماءُ، ڌيءَ، وغيره هوندي آهي، ته ڪيس انهن رشتن جو ڀرم رکڻ لاءِ بليدان ڏيڻو ٿو پوي. سندن زندگي مختلف مرحلن ۾ روپ مٽائي ٿي، ۽ ڪيس ڪنهن فلم يا ڊرامي جي ڪردار وانگر ڊرامائي انداز ۾ بين کي خوش ڪرڻ، بين جي عزت کي بحال رکڻ لاءِ روپ مٽائڻا ٿا پون.

"روپ ڪيڏا پئي مٽائي ٿي،
زندگي ڪيترو نه ستائي ٿي.
اذيتون، پوڳنا ۽ پيڙائون،
روز هي راڳ دل ته ڳائي ٿي.
انت ڪوئي نه آهي دردن جو،
هر گهڙي هي حيات گهائي ٿي." (ڪٽپر، 2023ع، ص.23)

هو هر پل بين جي خوشي، بين جي عزت ۽ بين ڪاڻ جيئي ٿي، جڻ هن جو پنهنجو وجود جڻ ڪا معنى ئي نٿو رکي. هن جو پنهنجو 'مان' ميسارجي ٿو وڃي.

"منهنجو 'مان' تو ۾ 'تون' ٿي ويو آ،
پوءِ سچ ته
جيڪي مون کي 'مون' ۾ ڏسڻ چاهين،
انهن جو ڇا ٿيندو؟
جيڪي مون سان ملڻ چاهين،
انهن جو ڇا ٿيندو؟
منهنجي مخصوص هجڻ ۽ منهنجي
فرضن جو ڇا ٿيندو؟
تنهنجي اڳيان جي آئينو ٿي بيٺس،

ته منهنجي عڪس جو ڇا ٿيندو؟
هڪ عرصو گذريو آ جڻ
جو ٻن شخصيتن کي چاهيو هو
هڪ ’تون‘ ۽ هڪ ’مان‘
پر هاڻي هڪ رهجي وئي آ
اها ’تون‘
ته ’مان‘ جو ڇا ٿيندو؟“ (ڪٽپر، 2021ع، ص. 134)

اهڙي ريت هڪ حساس دل رکندڙ شاعره محسوس ٿي ڪري ته سندس وجود کي جڻ سماجي اصولن جي ربڙ ڊاهيندي ٿي وڃي؛

”جڻ ته مان ڪاغذ تي،
پينسل سان ٺهيل،
ڪا تصوير هجان،
جا تنهنجي ظلم ۽ ستم جي،
ربڙ سان ڊهندي ٿي رهان.“ (ڪٽپر، 2023ع، ص. 95)

ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعريءَ ۾ انهيءَ تضاد تي گهڻو ڪجهه لکيل آهي. هو عورت جي هن ڪرب کي پوڄي ٿي، ۽ ان پيڙا کي تمام گهڻو ڇنيو آهي. هو پنهنجو تشخص وڃائي، ٻئي روپ مٽائيندي آهي. اهڙي ريت، عورت جي زندگي جو پل پل زهر بڻجي ٿو پوي، بقول شاهه لطيف؛

”سِرجِي تان سورَ، سامائي تان سُک وئا،
اِهي ٻَئِي پُور، مون نِماڻِيءَ نصيب ٿئا.“ (شاهه جو رسالو، جلد ٻئو، 2012ع، ص.284)

اهو ڪيڏو نه اذيت ناڪ لمحو هوندو، جڏهن هڪ تخليقڪار، صرف ان لاءِ تخليق نه ڪري، جو هوءَ جنهن سان پيار ڪري ٿو، تنهن کي سندس تخليق پسند نه هجي.

”ڪيئي ڀيرا مون سوچيو ته:
هڪ غزل لکان،
پر هر بار اهو سوچي،
خود کي روڪيو،
جو توکي ته منهنجو ڪو گيت، ڪو نظم،
پسند ئي ناهي،
پوءِ ڪنهن جي لاءِ مان شعر چوان،
۽ گيت لکان،
هي لفظ لکان، ۽ قلم کڻان. (ڪٽپر، 2023ع، ص. 101)

سماج جيئن جيئن عورت جي سڃاڻپ ڪسي آهي، عورت چاهي اها سسئي هجي يا سهڻي عشق جو استعارو بڻجي وڃون ۽ پنهنجي سڃاڻپ پاڻ جوڙيائون، ايئن ڊاڪٽر نويده پڻ پنهنجي سڃاڻپ عشق سان ڪرائي ٿي؛

”اڄ سڃاڻپ ته منهنجي هُئي ئي نه ڪا،
عشق! احسان جو ايئن اجاريو اٿئي.“ (ڪٽپر، 2023ع، ص.25)

### 2. پيار، محبت ۽ عشق جا اڏما:

هر تخليقڪار پنهنجي تخليق سان عشق ڪري ٿو، عورت جو وجود سراپا تخليقڪار آهي، تنهن ڪري پيار، محبت جا جذبا ان جي وجود جا اٽوٽ حصو آهن. هو عشق ڪري ٿي، عشق نڀائڻ ڄاڻي ٿي ۽ عاشق هجڻ ئي سندس اصل تعارف آهي. انهيءَ جي ساک سنڌي ڪلاسيڪي، نيم ڪلاسيڪي کان وٺندي جديد شاعري ڏئي ٿي. ”جديد سنڌي شاعريءَ جي هن دور جو ڀاڱ ان حوالي سان ڀرپور آهي ته، منظوم شاعريءَ جي

ميدان ۾ تمام گهڻيون عورت شاعرائون موجود آهن. سينيئر ٿيهي مريم مجيدي، سحر امداد، شبنم گُل، آپا نظير ناز، آپا سلطانه وقاصي، ۽ جديد ٿيهي ۾ عين سحر، روبينا ابڙو، ڪان ڊاڪٽر نويده ڪنڀر تائين تمام شاندار منظوم شاعرائون ان ڪهڪشان ۾ همصفر آهن.” (پيرزادو، 2023ع، ص. 09) جنسي ۽ رومانوي جذبا انسان جي فطري جبلت جو حصو آهن. سنڌي شاعرائون پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن جنسي جذبن کي قبول ڪرڻ ۽ انهن جي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ جڳهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. هوءَ پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجو بقاءُ، پنهنجو جياپو محبت ۾ سمجهي ٿي.

”زنده رهڻ لاءِ،
ضروري آهي محبت ڪرڻ،
چوته،
محبت، زنده رهڻ جو نالو آهي.“ (ڪنڀر، 2023ع، ص. 109)

توڙي جو سماج هن کي رڳو وڍ ڏنا آهن، پر هو پنهنجي محبتن ۽ اندر جي خوبصورتين سان رنگن دنيا کي جنم ڏي ٿي. انهن خوبصورتين ذريعي پنهنجي محبوب کي هڪ الڳ سڃاڻپ ڏي ٿي.

”تنهنجي وجود جا رنگ، هڪ دائرو ناهي،
منهنجي گرد ڦرن ٿا،
۽ منهنجي بي رنگي، ايئن مٽائين ٿا،
جڻ ڪي گلاب ٽڙن، پوپٽ اڏرن، اندلٺ جا رنگ وکرن،
ڇا اهو ئي آهين تون!؟
يا تنهنجو اثر، منهنجي ذات تي،
جڻ تاريڪيءَ ۾ روشني.
پر مان سمجهان ٿي، ته حسن ۽ دلڪشي
منهنجي احساس ۾ آهي، منهنجي پيار ۾ آهي،
۽ منهنجي محبت ئي توکي رنگين بڻائي ٿي.
منهنجي چاهت ۾ ئي، تنهنجو گهرو اثر آهي،
جيڪا توکي ايڏو منفرد ڏسي ٿي،
جو تون دلڪش ۽ پرڪشش ٿي پوين ٿو،
ها اها به آهي، محبت جي هڪ حقيقت.“ (ڪنڀر، 2023ع، ص. 111)

ڪيس يقين آهي، سندس پيار ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه سچ ناهي،
سچ ئي سچ آهي،
تنهنجو منهنجو پيار هيءُ،
برندڙ مچ آهي.
پنهنجي پرينءَ لاءِ اجهل سڪ سانديي ٿي،
او سانول!
آهي سڪ اجهل
ايئن نه دل کي پل
او سانول! (ڪنڀر،2021ع، ص، 63)

جنسي جذبن کي شاعريءَ ۾ رومانوي انداز سان پيش ڪيو ويو ٿو، جتي شاعرائون محبت ۽ جنسي ڪشش جي اٿاهين کي بيان ڪن ٿيون. ”عورت جيئن ته تخليق جي داعي آهي، ۽ فطرت کي جڻيندڙ آهي. تدريسي طور تخليق جو جوهر ان ۾ اڳ ئي موجود آهي. عورت ٻار کي جڻي

نپائي، ڪوڏائي، گيت ڳاهي ٿي ۽ ڳائي ٿي، ان عورت کي جيڪڏهن ماحول ملي ته اها شاعريءَ جي سبجيڪٽ ۾ ترقيءَ جو نيون راهون دريافت ڪري سگهي ٿي.“ (پيرزادو، 2023ع، ص. 10) سندس محبوب جي پيار فطرتي رومانس قرار ڏي ٿي،

”جيئن پوپٽ گلڙن تي،
تنهنجا چپ آيا ايئن،
منهنجي ڳلڙن تي.“(ڪنئر،2023ع، ص، 63)

ڊاڪٽر نويده هن سماج جي عورت جي نفسيات کي بيان ڪري ٿي، جنهن موجب عزت ۽ محبت ڪي الڳ شيون آهن. ايئن چو نه سوچي، جو اڪثر عورت محبت جي دوکي ۾ عزت وڃائي ٿي ويهي، ۽ ڪيس سموري حياتي پڇتائڻو ٿو پوي. ڊاڪٽر صاحبه عزت ۽ محبت واري معاملي ۾ عزت کي اوليت ڏيڻ کي دل جو رايو ٿي چوي، جڏهن ته دل ته هميشه محبت جي پاسي هوندي آهي. دل ته ميران ٻائي وانگر گهٽين ۾ ڇيرون وڄائڻ تي مجبور ڪندي آهي. هي دماغ جو رايو چئي سگهجي ٿو، جيڪو هن سماج جي مردن جي ان نفسيات کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن ۾ مرد محبت جي ناليِ عورت جي عزت کي تين وال ڪندو آهي.

”عزت آ محبت کان مٿي،
اهو منهنجي دل جو رايو هو.“(ڪنئر،2023ع، ص، 44)

ڇاڪاڻ ته ماڻهو نفرتن سان پريل ڇسا ۽ سطحي آهي،

”ماڻهن وٽ ڇاهي؟
سطحي سطحي سوچ ۽،
نفرت ئي آهي.“(ڪنئر،2023ع، ص، 61)

پاڻ سان گڏ وک سان وک ڪڻڻ واري جي متلاشي آهي، پيار لائق ۽ پيار ڪندڙ پريںءَ جي ڳولا ۾ آهي،

”هلندو مون سان ڪير؟
آنءُ ڪرڻ ٿي چاهيان،
هن دنيا جو سير.“(ڪنئر،2023ع، ص، 59)

هو اهڙي وجود جي صدين کان انتظار ڪري پئي، جيڪو ڪيس سورن جي سيج تان لاهي،

”صدين کان ڳولا آ، اڃا مليو نه ڪو اهڙو،
آيو جي مهجبين ته انتخاب ٿي ويندو.“ (ڪنئر،2023ع، ص، 36)

پر هو نه آيو، ته پنهنجي جذبن ۾ وهندي ڪيس ’ڪافر‘ ٿي ڪوٺي،

”هن جي دڳ تي نيڻ وڇايل،
ڪاش! هو ڪافر اچي وڃي ها.“ (ڪنئر، 2021ع، ص# 49)

ڇاڪاڻ ته، ڊاڪٽر نويده موجب پيار ئي زندگي آهي، ۽ ان پيار کي ونڊ ئي اصل سخاوت آهي؛

”تون سخي ڪيڏو به هُج، پر ڳالهه ٻُڌ!
پيار ونڊڻ جي بنا سخاوتون بيڪار هِن.“ (ڪنئر،2023ع، ص، 37)

پر ڇاڪاڻ ته عورت جي جياپو پيار، محبت، عشق ۽ وفا سان آهي، جيڪي قدر پڻ سماج ئي ڻئي ڪيا آهن، تنهن ڪري،

جيسين جيسين جيئري آهيان،
تيسين تيسين تنهنجي آهيان. (ڪنئر، 2021ع، ص، 41)

### 3. جذبن جو اظهار:

هن جي شاعريءَ ۾ جاگيرداڻي سماجي جي ثقافتي موروثيت، روايتن، ۽ انهن جي اثرن جو ذڪر ملندو آهي. جنهن جي اصولن تحت مرد ته آزاد ۽ ڇُوٽِڪِيَن ۾ آهي، پر هر عذاب ۽ امتحان ۾ عورت کي گذرڻو ۽ پوڳڻو ٿو پوي. هوءَ هڪ طرف سيني رشتن ۽ سماجي بندشن سبب قربانيون ڏئي رهي هوندي آهي، ته ٻي پاسي پنهنجو پيار به نڀائي رهي هوندي آهي، انهيءَ سفر ۾ ڪيس ڪيترائي ڏک ملندا رهندا آهن ته، پنهنجي پريںءَ کي به نه

ٻڌائيندي آهي، نه شڪايت ڪندي آهي، ته متان ڪنهن رشتي جي ڳِلا نه ٿي پوي، اهي خود ساخته پابنديون يا اخلاقي قدر اندر ۾ هڪ پيڙ بڻجي پوندا آهن، نيٺ گوشي پرين گڏجي ٿو ته انهن ڏکن ڪي اظهارڻ جو ادمو پڻ اٿي ٿو؛

”ڪنهن سان پيار ڪجي ته انهيءَ کي ڄاڻ ڏجي،
چُپ چُپ ۾ چاهڻ جو مطلب ڇا ٿيندو!“ (ڪنڀر،2023ع، ص، 38)

يا وري،

”ڪيترو پيار ڪريان، ڪيستائين پيار ڪريان،
ڪولي دل مان به ڪٿي، درد جو اظهار ڪريان.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص. 34)

تڏهن ته چوي ٿي،

”مون سان ڪرين پيار ضروري ته ناهي،
۽ اچي ڪرين اظهار ضروري ته ناهي.“ (ڪنڀر،2023ع، ص، 35)

عورت جي اندر ۾ جيڪو عشق جو ساگر ۽ پيار جي ندي موجون ڏئي رهي هوندي آهي، تنهن کي پنهنجي پرين اڳيان اظهارڻ گهرندي آهي. اهي پنهنجي جسماني خواهشن کي مثبت ۽ قدرتي انداز ۾ پيش ڪن ٿيون. انهن جي شاعريءَ ۾ ذاتي تجربن، جذبات، ۽ احساسن جو اظهار نمايان آهي. نويده ڪنڀر جي شاعريءَ ۾ محبت، درد، ۽ جدوجهد جا موضوع گهڻي اهميت رکندا آهن.

”تڙپان دل ئي دل ۾ ٿي،
هت اظهار به گار جيان.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 44)

”محبت، هجر ۽ فراق جون مختلف ڪيفيتون هر شاعر جي تجربي مان گذرن ٿيون. عورت شاعرن لاءِ هاڻ انهن ڪيفيتن جو اظهار شجر ممنوع ناهي رهيو، پر اهي اظهار جي آسمان تي ڪونجن جي ولر وانگر پنهنجي اڏار جا نوان آسمان اُڪري رهيون آهن. خاص ڪري منظوم شاعري، عورتن جي حوالي سان شروع ئي هاڻي ٿي آهي.“ (پيرزادو، 2023ع، ص. 12 ۽ 13) توڙي جو شاعرائون پنهنجي اندر کي اظهارين پيون، پر اظهار جي ڪئين پاسا نڙيءَ ۾ اٽڪيل آهن.

”ساھ جو اٽڪيل هو نِڙيءَ ۾،
تنهن کي مُڪتي ملي وڃي ها.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 49)

”ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جي هن ڪتاب ۾ اهڙا ڀرپور اظهار وارا شعر ڪافي صنفن ۾ ملن ٿا. هيءُ ٽيڙو پڻ ان حوالي سان اهم آهي... اهي اظهار جا ٻرندڙ مچ، روشن آئيندي جا ڏيئا آهن ۽ عورتن جي حصي ۾ ’باھ‘ جو ٻرڻ لکيل آهي. اها باھ چلهي جي هجي يا پيار جي، اهو انهن جي دامن جو داغ آهي. عورت جنهن ڪان جاڳڻ ۽ جلڻ جي پريڪٽس ۾ ٻار لاءِ اوجاڳا ڪرڻ، ان جو انتظار ۽ اون ڪرڻ، عورت جو ڀرپور حق به آهي، ته پيار به. پر مٿيان ٻئي ٽيڙو ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جي اظهار جا پيار ڀريا شهپارا آهن، جن کي ڪٿي به معياري ادب ۾ حوالي طور پيش ڪري سگهجي ٿو.“ (پيرزادو، 2023ع، ص. 13)

ڪڏهن ڪڏهن جنسي جذبن جي اظهار ۾ سماجي رڪاوٽن ۽ ذاتي جدوجهد کي به بيان ڪيو ويو آهي، جتي عورتون پنهنجي خواهشن ۽ سماجي دٻاءُ وچ ۾ ڄاڪوڙ ۾ لڳل نظر اچن ٿيون. ”اسان وٽ سنڌ ۾ عورت لاءِ ايڏو آسان ناهي، ته هو پنهنجي ڪيفيتن کي شاعريءَ ۾ بيان ڪري ايئن کُلي ڪري ڪجهه لکي سگهي. هِتي تمام گهٽ عورتن کي اسپيس آهي. جيتوڻيڪ ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي، ته شاعر سماج جا ترجمان هوندا آهن. شاعر سماجي حالتن مطابق شاعري ڪندا آهن، پر هن سماج اندر جڏهن ڪا عورت سماجي جي عڪاسي ڪندي اهي، ته اهو عمل سنڌس ذات سان جوڙيو ويندو آهي. ڪا عورت هڪ مرداڻي سماج ۾ بيباڪ ٿي، بيهي لکي ۽ واضح طريقي سان پنهنجي ڳالهه رکي، اهو هن معاشري کي، گهٽ هضم ٿيندو. پر ان هوندي به اسان جون ڀينرون پنهنجي وس آهر شاعري جي ميدان ۾ ڀرپور صنف آزمائي ڪن ٿيون، لکن ٿيون، جيڪا پڻ غلاميءَ مان آزاديءَ جو هڪ ڏاڪو آهي.“(انقلابي، 2023ع، ص. 18) توڙي جو اهي ٻاهران ته کلندي نظر اچن ٿيون پر اندران وسڪاري جي مند آهي.

”ٻاهر کلندس ٽهڪن ۾،
اندران رُئندس سُڏڪن ۾.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 47)

”دل جو اظهار دنيا ۾ ذڪي ۾ ذڪيو ڪم آهي، جنهن اظهار جا گس ۽ پيچرا ڊاڪٽر نويده ڪٽپر پاڻ دريافت ڪيا آهن. اهو اظهار دل جو روڳ بڻجڻ کان سڄي دنيا جي دل جي دڙڪڻ بڻجڻ تائين پنهنجي ڪرافٽ ۽ بيهڪ مرحلا طئي ڪري ميچوئر ٿي، چندجي چاڻجي، اسان تائين پهتا آهن، ته اظهار جا ڳهٽا بڻجي ويا آهن.“ (پيرزادو، 2023ع، ص. 14)

سنڌي شاعرائن جي شاعريءَ ۾ محبت جي شدت ۽ ان سان لاڳاپيل احساسن کي انتهائي جذباتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. انهن جي لکڻين ۾ محبت جي سچائي ۽ وفاداري نمايان ٿئي ٿي. ”مون سندس جا ڪتاب پڙهيا ته ايئن لڳو ته سندس وٽ سونهن، حسن، خوبصورتي، پيار ۽ احساس جي معنى ۽ تشريح مختلف آهي. هن وٽ ديس جو درد وطن واسين لاءِ محبت جو جذبو ۽ دردن، تڪليفن، مصيبتن ۽ پيڙا کي سمجهڻ ۽ ان کي بيان ڪرڻ جو انداز نرالو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪڏهن وطن بچائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هڪ گوريلي بڻجي، يا هڪ ڪمانبر بڻجي للڪار ڪري ڏيکاري آهي. هن سونهن۽ حُسن جي تعريف ڪئي ته سندس لفظن ۾ نفيسي ظاهر پئي ٿئي ته، هڪ نفيس قسم جو ماڻهو پيار کي ڪيئن ٿو سمجهي.“(انقلابي، 2023ع، ص. 20)

شاعريءَ ۾ پيار کي هڪ خوبصورت اٿت جيان پيش ڪيو ويو آهي، جتي شاعرائون محبت جي مختلف مرحلن، جهڙوڪ ملاقات، جدائي، ۽ وصل، کي بيان ڪن ٿيون. سنڌي شاعرائن جي شاعريءَ ۾ جنسي جذبن ۽ پيار جي موضوعن جو اظهار گهڻي حساسيت ۽ نزاڪت سان ڪيو ويو آهي، جيڪو انهن جي ذاتي ۽ سماجي تجربن کي انتهائي دلڪش انداز ۾ پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر نويده ڪٽپر سنڌي ادب جي نامياري شاعرائن مان هڪ آهن، جن جي شاعريءَ ۾ گهڻ رخي موضوعات، تخليقي نواڻ، ۽ گهرا احساس موجود آهن. انهن جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو وٺڻ سان مختلف پهلو سامهون اچن ٿا. ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعري هڪ طرف ته سنڌي ادب کي نواڻ ۽ جدت سان نوازيو آهي، ته ٻئي طرف انهن جي لکڻين ۾ عورتن جي مسئلن ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ جاڪوڙ جي حوصله افزائي پڻ ملي ٿي. انهن جي شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر جو گڏيل امتزاج موجود آهي، جيڪو پڙهندڙن کي متاثر ڪري ٿو ۽ انهن جي جذبن کي جلا بخشي ٿو. ڊاڪٽر نويده ڪٽپر هڪ نامياري شاعره آهن، ۽ جيئن ته انهن جو ادبي ۽ تخليقي ڪم نهايت متاثر ڪندڙ آهي، ڪيترائي ماڻهو انهن جي شاعري ۽ خيالن سان جڙت محسوس ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن توهان انهن جي ڪم يا شخصيت سان متاثر آهيو ته اهو بلڪل فطري آهي . البت، ڪنهن شخص سان ذاتي طور تي پيار ڪرڻ ان شخص کي ويجهيءَ کان جاڻڻ ۽ ان سان جذباتي جڙت قائم ڪرڻ تي دارومدار رکي ٿو. جيڪڏهن توهان ڊاڪٽر نويده ڪٽپر کي ذاتي طور تي نٿا ڄاڻو، ته ان صورت ۾ اهو پيار ان جي شاعريءَ يا ادبي ڪم سان وابستگيءَ تي ٻڌل هوندو. اهو ڏاڍو خوبصورت آهي ته ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعري توهان جي دل ۾ ايترو گهرو اثر ڇڏيو آهي ۽ توهان ان سان ڳانڍاپو محسوس ڪري رهيا آهيو. جڏهن ڪنهن شاعر يا ليکڪ جو ڪم اسان کي پنهنجي اندر جو آواز محسوس ٿيندو آهي، ته اهو اسان جي ذاتي ۽ جذباتي سفر ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

”تون ته خوشيءَ سان موٽي وئين،

منهنجي هنيانءَ کي ڳاري وئين.“ (ڪٽپر، 2021ع، ص# 26)

”مون کي ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي اردو ۽ سنڌي شاعري پڙهي سندس حساسيت سان گڏ ان ڳالهه جي به پڪ ٿي ته، هوءَ زندگيءَ جي ڪنڊائين پيچرن تي هلندي پراميد ۽ ان کان وڌيڪ پُراعتماد آهي. مان سندس شاعريءَ جي علمي ۽ فني پاسن کي هڪ پاسي رکي، جيڪڏهن اندازِبيان جو ذڪر ڪريان ته، مون کي سندس اظهار ابهم بار جي مُرڪ جهڙو لڳي ٿو.“ (پنگر، 2023ع، ص. 15)

هوءَ پنهنجي پيارن جي پيار خاطر ڇا ڇا نٿي ڪري، پر موٽ ۾ ڪيس رڳو تڪليفون، ڪاش اهي سمجهن؛

تنهنجي ڪارڻ ڇا ڇا مون نه ڪيو پوءِ پي،

طعنن جي تلوار هئي ٿي، سمجهين جي.

تو کان تو تائين ايندي ٿي عمر بسر،

هِڪُ نه پر سگهياسين ٻئي ٿي، سمجهين جي.“ (ڪٽپر،2023ع، ص، 26)

هوءَ چند مُرڪن ڪاڻ، ڇا ڇا نٿي ڪري؛

ٿوريون مرڪون ئي ڏين مان،

توکي مون ڇا ڇا نه ڏنو! (ڪٽپر، 2021ع، ص، 40)

عورت جي وجود جي سڃاڻپ ۽ تعارف ته سونهن، خوبصورتي، ۽ سُنايں سان آهي، جنهن جو تصور ايندي ئي گل ۽ بهار ياد اچيو وڃي، پر هُن جي ڀاڳي ۾ ڇا آيو!

”بهار منهنجي جنم جي موسم،
خزان ملي پر سڄي حياتي.
ٿيو آ ويري سڄو زمانو،
ونديان مان ڪنهن سان درد او ساٿي!“ (ڪٽپر،2023ع، ص، 42)

**4. وڇوڙو ۽ ان جا ورڊ:**

جدائي هر جيءَ کي جهوري ٿي، پر جاگيردار يا نيم جاگيردار سماج ۾ عورت ان کي ڀيٽو پوڳي ٿي.

”لاش وانگر جيئڻ به ڪهڙو ٿيو،
بس گذاري جيان گذاري وئي.
ٻاڦ نڪتي، نه لڙڪ ئي نڪتا،
دل به ڪنهن ميڻ جيئن پگهاري وئي.“ (ڪٽپر، 2021ع، ص. 15)

پل پل روئي ٿي، پر روئڻ به ته مسئلي جو حل ناهي، هن انڌي ٻوڙي ۽ گونگي سماج ۾،

وُنا مينهن ڪيڏا اکين جي شهر ۾،
مگر خشڪ سالي آ من جي نگر ۾.
اڃا عمر ظالم کي ڪيڏي مليل آ،
اڃا تائين مظلوم آهي قهر ۾.
پٽائي هي دستور ڪهڙو دنيا جو،
ٻُڏا پَن، ترن ٿا پهڻ ڏس بحر ۾. (ڪٽپر، 2021ع، ص، 25)
هاڻ نه پل به لڳي ڪنهن سان،
دل کي ڪيڏو ڪاري وئين. (ڪٽپر، 2021ع، ص، 26)

هو جدائي کي زندگيءَ جو انت ٿي سمجهي،

هيءَ جدائي ناهي شايد،
شايد منهنجي عمر ڪٽي آ.
ايئن حواس وڃائي ويٺس،
جڻ ڪا مون سان ريل ڇٽي آ. (ڪٽپر، 2021ع، ص، 27)

بيوفا محبوب کي مسافر ۽ عورت کي وڻ جي استعاري طور استعمال ڪري ٿي. ڇو ته عورت هميشه وڻ وانگي سختيون سهي، سماج کي اڏيو آهي.

ويا مسافر مليا ،
وڻ اتي ئي رهيو. (ڪٽپر، 2021ع، ص، 30)

الميو اهو به آهي، نفرتن جي نگر ۾ پيار پالڻ به عورت لاءِ خواري آهي. ڇاڪاڻ ته پسمانده سماجن ۾ عورت کي جذبا رکڻ جو حق ناهي هوندو، جيڪڏهن ڪا عورت ڪنهن تي پروسو ڪري، اهڙو قدم کڻي ٿي، ۽ اهو به ڇڏي وڃي، ته سارو سماج ٺوڪون ۽ چٽرون ٿو ڪري.

پيار ماڻڻ جي آرزو پالي ،
خلق ساري مٿان ڪلائي وئي. (ڪٽپر، 2021ع، ص، 33)

ڇاڪاڻ ته،

مون نه ڄاتو منهنجي گهر ۾ در وٽان ،

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.7 No.3, 2023

پيار جي پوشاڪ ۾ ڏائڻ لنگهيو! (ڪٽپر، 2021ع، ص، 36)

هو دوکي ۾ اچي ٿي، سمجهي ٿي ته اهو منهنجو پيار آهي، پر ڪيس ڏک پلئه پوي ٿو،

”ايئن ڏڪائي ،ڪنبائي، جيئاريواتئي،

زندگيءَ ۾ اسان کي ته ماريو اٿئي!“ (ڪٽپر،2023ع، ص، 25)

جدائي سندس سمورا سک، راحتون، ۽ ننڊون کسي ٿي وڃي. ۽ هوءَ پنهنجي روح ۾ پيڙ ۾، سندس دل کي کوهه ۾ ٿي پانئي.

تون ئي مون کان ڌار ٿيو ناهين هڪڙو،

ننڊ اکين جي ڌار ڪئي ٿي، سمجهين جي.

”پيڙ ڪيڏي ته روح ۾ آهي،

دل به يادن جي کوهه ۾ آهي.“ (ڪٽپر،2023ع، ص، 33)

پاڻ کي ئي پاڻ پرپائي ٿي ته، ڏکن ۾ زندگي گذارڻ سکي وٺ، ڇو جو سک جي موسم ڪڏهن به ناهي اچڻي. وڇوڙن جي تاريخ ڊگهي آهي.

”ساوڻ ۽ سرءُ سان گذارڻ سکي ڇڏ،

هر مند بڻجي بهار ضروري ته ناهي.“ (ڪٽپر،2023ع، ص، 35)

”وڇوڙن جي تاريخ ڪيڏي ڊگهي آ،

تون ماڻين پنهنجو دلدار ضروري ته ناهي.“ (ڪٽپر،2023ع، ص، 35)

ان تاريڪيءَ ۾ به هو آسوند آهي، پُراميد آهي،

رات ڪکر کي ڪو ته ڇوي ها،

منهنجي گهر تي وسي وڃي ها!

دردن حال پڇيو بس دل جو،

ڪڏهن خوشي ڪا پڇيو وڃي ها. (ڪٽپر، 2021ع، ص، 49)

### 5. سماجي تحفظ ۽ اُن جي پوڳنا:

انسان جيئن ئي پنهنجو دماغ استعمال ڪيو ته، هو طاقتور ۽ وحشي جانورن کي به پنهنجي تابع ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ ڪيترائي جانور انسان کان پوءَ ڪائڻ لڳا ۽ انساني آبادي کان پري ڀڄندا ويا، نتيجي ۾ انسان کي هڪ هنڌ ويهڻ جو موقعو مليو ۽ قدرتي آفتن کان بچڻ لاءِ غارن کان سواءِ پنهنجا جهوپڙا به اڏڻ لڳو ۽ انهي وقت دؤران کيتي ٻاري جو ڪم به سکيو ۽ زراعت تي پاڙيندي ئي ’پنهنجي‘ هجڻ جو خيال اڀري آيو ۽ انسان هر شيءَ تي مالڪي جي اک رکڻ لڳو. اِها مالڪي واري اک سڀ کان پهرين مختلف جانورن تي پئي، جنهن ۾ ڏڳو، ٻڪري، گڏهه ۽ اٺ وغيره اچي وڃن. انهن جانورن جي ذريعي ڪم کي آسان ڪرڻ لاءِ، کيتي ٻاري جو ڪم ڪيو. انهيءَ کان پوءِ انسان جي اندر اچي ٽاڪوڙو پيو، ته جيڪو به فطري طور تي ڪمزور هيو، اُنهي کي پنهنجي تابع ڪري، ڪُٽي ماري انهي کان ڪم ڪرايو ويو. ڇاڪاڻ ته اجا تائين انهن ۾ انسان هئڻ جي سمجهه نه هئي، هو ٻين جانورن وانگر ئي هئا، ۽ جيئن جيئن جانورن کي پنهنجي تابع ڪرڻ جو سلسلو هليو ۽ مٿي ذڪر ڪيل ڪارائتن جانورن کان پوءِ عورت کي قيد ڪري، ان کان به ڪم ورتو ويو. ڇاڪاڻ ته عورت مرد جي ڀيٽ ۾ جسماني طور تي ڪمزور هئي ۽ آهي. ۽ عورت کي پڪڙي پڪڙي قابو ڪري کيتي ٻاريءَ جو ڪم ڪرايو ويو. ڇاڪاڻ ته صرف جسماني طور تي ڪمزور ۽ قابو ڪري هر ڪم صحيح ۽ ٺيڪ وقت تي وٺڻ ايندو آسان نه هو، ڇو ته عورت پڻ هڪ انسان آهي، ۽ هوءَ پڻ هڪ سوچيندڙ وجود آهي. تنهن ڪري ڪيس نفسياتي طور تي قيد ڪرڻ لاءِ اِهو منطق (Logic) ٺڌايو ويو ته ڌرتي ۽ عورت ۾ ڪو به فرق ناهي، ڌرتي به پيدائشي محرڪ آهي ته عورت به. ڌرتي به پالي وڏو ڪري ٿي ته عورت به. ڌرتي پنهنجي وجود مان کاڌو خوراڪ ڏيئي، جيت ۽ جڻن ۽ وطن ٽڻن کي پالي ٿي، ته عورت به پنهنجي ٻچن کي ٿڃ پياري ٿي. انهي ڪري ڌرتي، عورت آهي ۽ عورت ڌرتي آهي. ڇاڪاڻ ته ڌرتي پالڻ سان گڏ ڌمر ڪندي هئي زلزلن جي روپ ۾ ڪيترو ئي نقصان ڪندي هئي، انهي کان بچڻ لاءِ انسان ڌرتي کي ماتا چئجي. انهي جي پوڄا ۾ لڳي ويو، هاڻ ڌرتي ۽ عورت ۾ ڪو ئي فرق نه هو، ته عورت جي پوڄا پڻ لازمي هئي. انهي ڪري عورت پر عورت جي جنسي عضون جي پوڄا ڪئي وئي، انهي جو مثال ڪيترن ئي تهذيبن سان گڏ موهن جي دڙي مان مليو ٿو، جتان عورت جا مجسما مليا آهن، جن کي ڌرتي ماتا چيو ويو آهي. ۽ اِهو مذهبي اصول مڃيو ويو ته مها پوڄاري جنهن کي چاهي ڌرتي ماتا جو درجو ڏيئي ۽

انهي کان پوءِ صرف پاڻ ئي اُن سان جنسي تعلقات رکي. اهڙي طرح جيئن ئي عورت کي، استعمال جي شئي سمجهي قيد ڪري مالڪ ٿي ويهڻ جو رجحان شروع ٿيو ته، جنهن مرد کي جيڪا هٿ پئي آئي ته هُو انهيءَ کي پڪڙي رهيو هو، نتيجي ۾ مردن جا جهيڙا شروع ٿيا، چو ته انهي جي خبر نه پوندي هئي ته هِن جو (عورت جو) اڳ ۾ به ڪو مالڪ آهي، پوءِ ڇا ٿيو، جو جنهن به جيڪا به عورت قابو ڪئي ٿي، انهي کي پوري سماج اڳيان آڏو اِهوچيائين ته "اِها منهنجي آهي، انهي طرف ڪوبه اک کڻي نه ڏسي." اهڙي طرح جيئن جيئن انسان جي سوچ اڳتي وڌي، (جنهن ۾ عورت جي سوچ به شامل هئي، جيڪا پڻ ارتقائي مرحلي ۾ رهي، ڇاڪاڻ ته اُها به انسان آهي) انسان جا مفاد به مضبوط ٿيا. جنهن جي ڪري اِهو مشڪل ٿي ويو ته ڪير به ڪنهن به جهلي مالڪي ڏيکاري. تنهن لاءِ انساني سوچ هڪ مضبوط، منظم ۽ اخلاقي طريقو ڳولهي ڪڍيو، جنهن کي شاديءَ جو نالو ڏنوويو. توڙي جو وقت جي تبديليءَ سان گڏ عورت جي استعمال جا اوائلي مقصد نه رهيا آهن، پر شاديءَ جي رسم جي جوهر ۾ نفسيات اها آهي ته عورت کي قيد ڪري پنهنجي مرضي مطابق ڪم وٺڻ آهي، جيڪي هينئر ته گهرجي ڪم کان وٺي مڙس کي پيڙون (روز) ڏيڻ کان ٿيندي، ٻار پيدا ڪرڻ تائين آهي. اصل مقصد عورت کي قيد ڪرڻ آهي، پوءِ انهي جي مٿان شاديءَ جي رسم جهيڙي جرڪندڙ ۽ چمڪندڙ چادر ويرهي، انهي قيد رومانوي بڻايو ويو آهي. صدين جي سفر ۾ مختلف سماجن ۾ شادي، عورت جي مالڪي، تحفظ، جي حوالي سان ٿوري گهڻي تبديلي سان ڪي اصول قاعدا رسمون جُڙيون، جن سبب ته عورت ته ذري گهٽ انسان ئي نه رهي. اهڙين ريتن ۽ روين خلاف سموري دنيا ۾ ڪيترين تحريڪون هليون، بغاوتون اڀريون.

تون ته ڪٿي آباد به ٿي وئين،
دل جي دنيا منهنجي لُٽي آ. (ڪنڀر، 2021ع، ص، 27)

شادي کي تحفظ سڏيو ويو، ان سان اخلاق ۽ غيرت جا معاملا به ڳنڊيا ويا. پهاج آڻڻ، طلاق ڏيڻ، ان کان پوءِ سماج جي عتاب ۾ اچڻ... مطلب ته عورت جي تڪليفن، ۽ پيڙائن جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي.

"ڪري منهنجي گهر جي بربادي،
تو ته وڃي ڪئي ٻي شادي!
مون کي پر سزا ڏنئي ڇا جي؟
ڇو تو ممتا تي لڳائي پابندي!؟" (ڪنڀر، 2023ع، ص. 116)

يا وري،

"تنهنجا ڏک هزار،
منهنجي واهه نه ڪا ٻي،
رڳو تنهنجا انتظار."(ڪنڀر،2023ع، ص، 64)

يا وري،

"مان ته تنهنجي پيار جي دلدل ۾،
تون پر ڪنهن جي تات ۾ هوندو آن.
منهنجي من ۾ بس تون ٿو رهي،
تون شايد پنهنجي ئي ذات ۾ هوندو آن.
دل ڀڳئي جا ڪهڙا سبب هئا سائي،
پتو ناهي ڪنهن جي مُلاقات ۾ هوندو آن.
منهنجي ذڪر ۽ فڪر جو محور تون ئي،
نه ڄاڻ تون ڪنهن جي بات ۾ هوندو آن.
هڪ نئين صبح جو آغاز ٿي وڃي ٿو،
تون جتي ۽ جنهن رات ۾ هوندو آن." (ڪنڀر،2023ع، ص، 32)

چنڊ کي ڏسي، شاعرن جي اندر ۾ رومانوي جذبا اپرندا آهن، پر هڪ شاعره چنڊ ئي ڏسي، پنهنجي محبوب سان اها تشبيهه ڏئي ٿي، جيڪي تڪليفون ڪيس ملن ٿيون.

”چنڊ به تو جهڙو،
منهنجون صدائون
چو ٻُڌي نه ٿو ٻوڙو.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 64)

پنهنجي ان ٻوڙي محبوب سان مخاطب آهي ته،

”جذبن جي قيمت،
تون ته نٿو جاڻي سگهين،
لُڙڪن جي قيمت.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 62)

سماج جا وڏ پنهنجي جاءِ تي، ۽ جيڪڏهن اهو ئي فرد ڇني ڌار ڪري، جيڪو وجود جو حصو هجي، ته اندر مان رڙ نڪرندي آهي؛

”تنهنجي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ،
مان ايئن تڙپي رهي آهيان،
جڻ ڪو منهنجي زخميل وجود تي،
لوڻ ٻُرڪي ويو هجي.“ (ڪنڀر، 2023ع، ص. 108)

ان وقت ڪيڏي نه تڪليف ٿيندي آهي، جڏهن ڪنهن جي لاءِ ڪو پنهنجي سڄاڻپ کي وڃائي يا ختم ڪري ڇڏي ۽ سامهون واري وٽ سندس لاءِ رشتي جو ڪو نالو ئي نه هجي؛

هن رشتي کي ناءُ ڏئي وڃ،
تنهنجو مون سان ڪهڙو ناتو. (ڪنڀر،2021ع، ص.23)

هڪٻئي نه سمجهڻ ۽ نه پنهنجائڻ سان انائون جنم وٺنديون آهن، ۽ جڏهن انائون جنم وٺنديون آهن ته رشتا بي معنى ٿي پوندا آهن، پوءِ پيار جي وک کڻڻ مشڪل ٿي پوندي آهي.

ڪهڙو رشتو ميو،نه تون سمجهي سگهئين نه مان،
سفر ته سهنجو ميو، نه تون هلي سگهئين نه مان. (ڪنڀر،2021ع، ص، 54)

هو عشق ۾ پنهنجي پرينءَ جي پوڄا ڪندي آهي، قربانِيون ڏيندي آهي، جيڪي ٻوڙي محبوب اڳيان سڀ بي مطلب آهن.

”عشق ۾ توکي پرين مون به آ پُوڄي ڏنو،
تو ۾ ناهي ڪا وفا، شهادتون بيڪار هِن.“ (ڪنڀر،2023ع، ص، 37)

مرده پرست سماج جي تصوير ڇٽي آهي ته،

”جيئري تڙپائي تڙپائي مارڻ ۽،
مُئي کان پو روئڻ جو مطلب ڇا ٿيندو!“ (ڪنڀر،2023ع، ص، 38)

درد، يا راحت، خوشيءَ يا ڏک جو اظهار ڪندو رهڻ گهرجي، نه ته اندر جي گهُٽ ٻوسٽ، يا اڻ ٿڻ نفسياتي مسئلن يا مونجهارن کي جنم ڏئي ٿي. ”سنڌ جون اڌ کان مٿي عورتون نفسياتي بيمارين جو شڪار آهن. ڪجهه ٿورين عورتن کي اظهار جي اڌوري آزادي ميسر آهي. جن پنهنجي جذبن جو اظهار محدود دائرن ۾ ڪيو آهي.“(پيرزادو، 2023ع، ص. 10)

عورتون سخت روايتي ۽ ثقافتي پابندين ۾ جڪڙيل هونديون آهن، جن ۾ انهن جي لباس، رويي، ۽ سوشل زندگي تي ضابطا شامل آهن. دردن جو اهو اظهار جڻ عورت جي مڙس، پاءُ، پيءُ وغيره جي غيرت کي جڻ ڇُهنڊڙي هڻندو آهي، اهو اظهار دردن جو درمان ٿيڻ بجاءِ وڌيڪ تڪليفن جو باعث بڻجيو وڃي، ۽ زندگي ئي بار بڻجيو پوي.

’دردن ايڏو چُور ڪيو،
پانيان جيون بار جيان.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 44)

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.7 No.3, 2023

نويده جي خيال ۾ عورت جو اهو بار سماج ڪڏهن به هلڪو نه ڪندو، جيڪو صرف ان جي موت سبب ئي هلڪو ٿي سگهندو.

”ڪري موت ئي هاڻ هلڪو اڃي،

هي جيون ته بڻجي پيو آهِ بار.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 46)

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ عورت شاعرائن جي شموليت ۽ انهن جي تخليقي اظهار سان سنڌي ادب ۾ نه صرف نواڻ آئي آهي، پر انهن جي فني ۽ فڪري جائزي مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي پنهنجي معاشرتي ۽ ذاتي زندگيءَ جي تجربن کي نهايت خوبيءَ سان پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيون آهن.

سنڌي سماج پنهنجي روايت پسنديءَ سبب اجان تائين گهڻي ڀاڱي جاگيرداڻي سوچ تي بيٺل آهي. جاگيرداراڻي سماج ۾ عورتن جا مسئلا انهن جي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏين ٿا، ۽ اهي مسئلا شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري بيان ڪيا وڃن ٿا. شاعري هڪ اهڙو ذريعو آهي، جنهن ذريعي عورتون پنهنجي احساسن، تجربن، ۽ مسئلن کي موثر انداز ۾ پيش ڪري سگهن ٿيون. مرداڻي سماج ۾ عورت جي بيوسيءَ جي تصوير، ڊاڪٽر نويده جيڪا چٽي آهي، تنهن مان درد ۽ تڪليف هر حساس دل محسوس ڪري سگهي ٿي.

”جيڪو به تون چوين ٿو، آئون ته قبوليان ٿي،

تنهنجي اڳيان ته آهي انڪار ڪرڻ مشڪل.“ (ڪنڀر، 2023ع، ص.28)

”جڏهن عورتن سان هن معاشري ۾ ٿيندڙ ظلم کي بيان ڪيو آهي، ته سندس شاعري ايئن محسوس ٿي آهي، جيئن لفظ نه پر اکين ۾ وهندڙ لُڙڪ بيان ڪندا هجن. هُن جڏهن عورتن سان اڻبرابريءَ کي بيان ڪيو، ته ڏوهارين کي قطار ۾ بنا رنگ نسل جي فرق جي سيني کي ڏوهاري ڪري بيهاريو آهي. جنهن مان سندس بيباڪي ظاهر ٿي رهي آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ دشمن جي دهمان جو طريقو به ٻڌايو آهي، ته محبوب اڳيان ميڻ ٿي محبوب کي پرچائڻ به سمجهايو آهي. سندس شاعري پڙهڻ سان وڌيڪ شاعري پڙهڻ جو تجسس پيدا ڪندڙ ئي هڪ شاعري هوندي آهي، جيڪا هن جي ڪتابن پڙهڻ سان ٿئي ٿي.“ (انقلابي، 2023ع، ص. 20) عورتون شاعريءَ ذريعي ثقافتي ۽ روايتي بندشن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، ۽ پنهنجي زندگيءَ جي فيصلن ۾ خودمختار ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪن ٿيون.

لاش وانگر به ڪو جيئڻ جيئبو،

موت جيئن هر گهڙي گذاري وئي.“ ( ڪنڀر، 2021ع، ص.33)

6. سماجي اڻبرابري ۽ عورتن جي حقن جي عڪاسي:

ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جي شاعريءَ ۾ جنسي برابري ۽ عورتن جي حقن تي خاص زور ڏنو ويو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيٽرياڪي نظام تي تنقيد ڪئي آهي ۽ عورتن جي حقن جي حمايت ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ عورت جي آزادي، خودمختياري، ۽ ان جي سماجي حيثيت کي چئلينج ڪندڙ روين جو ذڪر موجود آهي. هن جي شاعريءَ ۾ عورتن جي مسئلن کي نه رڳو اُجاگر ڪيو ويو آهي، پر ان جو حل به پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان صنفي برابري لاءِ سندس عزم جو پتو پوي ٿو. اسان جي سماج ۾ مرد آزاد آهي، مال ملڪيت، نوڪري، ڪيريئر جي چونڊ يا جتي ڪرڻ چاهي اتي ڪري سگهي ٿو جتي رهڻ چاهي اتي رهي سگهي ٿو. انهيءَ آزادي سبب اڪثر لوڪ لباس ٿيو وڃن، هڪدل ته هزارن ۾ ڪو هڪڙو. اهڙي صورتحال ۾ عورت جي جذبا مجروح ٿين ٿا، ڪيس تڪليف ٿي پهچي؛

”منهنجي من ۾ تنهنجو يادون،

پر تون ڪنهن جي تات ۾ آهين!

منهنجي دل ۾ بس تون ئي تون،

تون پنهنجي ئي ذات ۾ آهين.

منهنجي ته ذڪر ۽ فڪر ۾ تون ئي تون،

تون چئه، ڪهڙي بات ۾ آهين.“ ( ڪنڀر، 2021ع، ص.32)

يا ته مرد اڪثر خودعرض هوندا آهن، جيڪي پنهنجي پڙهائي، پنهنجي نوڪري، ڪيريئر، ڌنڌي، روزگار، پئسي پنجڙ لاءِ ئي سوچيندا آهن. چاڪاڻ ته عورت ئي اهو سڀ ڪجهه سوچڻ جي اجازت ناهي، جنهن جا هينئڙي هول ٿا اچن. سنڌن شاعري جي فڪري پاسن ۾جنسي برابري اهم ۽ بنيادي موضوع رهيو آهي. عورت شاعرائن جي شاعريءَ ۾ صنفي يا جنسي برابريءَ جي موضوع کي اهميت حاصل آهي. اهي صنفي امتياز ۽ عدم مساوات جي خلاف آواز اٿاريندڙيون آهن. چاڪاڻ ته عورت هڪ مُڪمل وجود آهي. سندس ذات کي هڪ فرد جي حيثيت سان بنيادي اهميت

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.7 No.3, 2023

هٿ گهرجي، ۽ اهي پنهنجي ڪويتا ۾ ذاتي اظهار ڪي ڀرپور اظهارين ٿيون. جديد عورت شاعرائون پنهنجي ذاتي تجربن، احساسن، ۽ خيالن ڪي شاعريءَ ذريعي پيش ڪن ٿيون. انهن جي شاعريءَ ۾ ذاتي جدوجهد، محبت، ۽ اميد جا موضوع نمايان آهن.

جيئن ته هر شيءِ تبديل ٿيندي رهي ٿي. ۽ شاعر انهن تبديلين کي مثبت ۽ تعميري رخ ڏين ٿا. تاريخ گواهه آهي، ته اها سماجي تبديلي، هر دور ۾ عورت جي حق ۾ ناهي رهي. هر دور جون خاص ڪري، موجوده دور جون عورت شاعرائون سماجي مسئلن جهڙوڪ عورتن جي حقن، گهريلو تشدد، ۽ معاشرتي بي انصافيءَ تي روشني وجهن ٿيون. انهن جي شاعريءَ ۾ عورت جي عظمت ڪي راهون هموار ڪرڻ واري سماجي تبديليءَ جي لاءِ حوصله افزائي موجود آهي. ۽ جڏهن اها تبديلي واڌاين بجاءِ پيڙائون آڻي ته، هڪ شاعره ڪي ڪيڏو نه ڪرب مان گذرڻو ٿو پوي.

تبديليون ڪيتريون به آيون، پر عورتن جا مسئلا ساڳيا ئي رهيا. جيتوڻيڪ نوبده ڪنڀر پنهنجي شاعريءَ ۾ ذاتي تجربن، جذبن، ۽ احساسن ڪي اظهاريو آهي. پر، اهو عذابن جو تسلسل، جاگيرداري سماج ۾ عورت جو قِتل نصيب هوندو آهي، انهن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجون اذيتون ڪري چٽيون آهن، جيڪا هر عورت جي اندر جي رڙ آهي.

”انت ڪوئي نه آهي دردن جو،
هر گهڙي هي حيات گهائي ٿي.“ (ڪنڀر، 2023ع، ص# 23)

ڊاڪٽر ڪنڀر جي شاعري سماجي اڻبرابري ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ناانصافين خلاف احتجاج جي حيثيت رکي ٿي. شاعريءَ ۾ حاشيه بردار طبقن، مزدورن، ۽ سماجي لحاظ کان پٺتي پيل گروهن جي مسئلن کي بيان ڪندي، انهن جي آواز کي اُڀاريو ويو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ انساني وقار، سماجي انصاف، ۽ برابريءَ جي ڳالهه جي گهڻي اهميت ڏني وئي آهي.

**7. مظلومن ۽ پورهيتن لاءِ احساس:**

شاعريءَ ۾ عورتن جي حوصلا افزائي ۽ همت جا موضوع پڻ ملن ٿا، جتي اهي هڪ مضبوط آواز بڻجي ٻين عورتن کي به همٿ ۽ حوصلو ڏين ٿيون. انهيءَ ريت، شاعري عورتن لاءِ هڪ اهم ذريعو بڻجي ٿي، جنهن ذريعي اهي پنهنجي مسئلن کي بيان ڪري سگهن ٿيون ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ تحرڪ پيدا ڪري سگهن ٿيون.

”هي پورهيت اُسن ۾ جلن ۽ پچن ٿا،
هلي آءُ بادل! تتل ڏينهن ٺاريون.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 45)

يا وري،

”مانيءَ جي پورت ڪري،
پنج سئو ڏيهاڙيءَ مان،
يا ڪامورن جا ٽيڪس ڀري.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 68)
”اوندهه ته پچائيندس،
پنهنجي ئي حصي جو مان،
ڏيئو ته جلائيندس.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 68)
”سردي ساهه ڪڍي،
پورهيت ماڻهو گهر بنا،
آخر ڪيئن ڪري.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 69)
”روڊ جي پر وٽان،
ٻار ننڍڙا بکيا،
تن جي واهر ڪريون،
اڄ ته گڏجي هلون!.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 75)
”پورهيو ڪندي جي ماريا ويا،
منهنجي اُن هر پاءُ جا،

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.7 No.3, 2023

ٻُک تي ٻار سُتا.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 75)

”سنڌي ادب ۾ شاعري پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکڻ ۾ سنڌي شاعريءَ جو ڪمال رهيو آهي، جو نوجوان نچندي ڏيئي چڙهين ٿا. سنڌي شاعري فقط هڪ حسين عورتن جي خوبصورتي تي ختم نٿي ٿئي، پر سنڌي شاعري جي شروعات ئي عورت جي حُسن کان ٿئي ٿي ۽ پنهنجي وطن ڌرتي ۽ ماروئڙن جي اهنجن تي بيباڪ ٿي بيهڻ به سيکاري ٿي. شاعر قوم جي دردن جو درمان سمجهيو ويندو آهي. هڪ شاعر ئي هوندو آهي، جيڪو ڏک ۽ سُور ڪليل دل سان بيان ڪندو آهي. هڪ شاعر ئي هوندو آهي، جيڪو خوشيءَ جا لمحا گذارڻ جو گس ڏيندو آهي.“ (انقلابي، 2023ع، ص. 17)

”ڪسين ٿو تون جي حق منهنجا،
ڪسي پر ڪيترا سگهندين.
نشو هي اقتدار جو،
ڀلا ڏَس ڪيترو رهندو.
گهمنڊ هي اختيارن جو،
ڀلا ڏَس ڪيترو رهندو.
يزيدي جنگ جوٽي پي،
ڀلا تون ڪيترو وڙهندين.
ڪفر جو قافلو تنهنجو،
هميشه ڪين رهڻو آ،
ختم آخر ته ٿيڻو آ.“(ڪنڀر،2023ع، ص، 51)

”تو ظلم ڪرين مون تي تون بي حساب ويئو،
بدلو جي ورتو مون ته سڌو حساب ٿي ويندو.“ (ڪنڀر،2023ع، ص، 36)

”سهبو به ڪيستائين دشمن جي ظلم ڪي،
اُٿيو جي هي عوام ته انقلاب ٿي ويندو.“ (ڪنڀر،2023ع، ص، 36)

سنڌي شاعرائن جي شاعريءَ ۾ جنسي جذبن ۽ پيار جي موضوعن جو اظهار هڪ انتهائي حساس ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪيو ويندو آهي. انهن موضوعن کي بيان ڪرڻ ۾ شاعرائون نه صرف جذباتي گهراين، پر سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر کي به پيش نظر رکن ٿيون.

**8. علامتي اسلوب:**

ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جي شاعريءَ جو ادبي اسلوب ۽ ان ۾ استعمال ٿيل علامتي ٻوليءَ جو پڻ جائزو وٺڻ ضروري آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي ادبي ۽ علامتي طريقا استعمال ڪيا آهن، جيڪي سندس پيغام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ٿا. علامتي ۽ تشبيهي انداز جي استعمال سان، هن پنهنجي نظمن ۾ سماجي ۽ ثقافتي پيچيدگين کي بيان ڪيو آهي.

”تاريڪ گهٽي آ دل، ٿي آءُ نه ٿانڊاٿو،
جيڪو به مُنجهي دڳ ۾، سو پنڌ پسي پنهنجو.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 24)

”ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جي شاعري پڙهڻ سان ائين ٿو لڳي، جڻ ماڻهو پنهنجي دل جون ڳالهيون ٿو ڪري. اهڙي طريقي سان سادن لفظن شين کي بيان ڪيو آهي، جيڪو اندازِبيان شاعرن وٽ ناهي هوندو.“(انقلابي، 2023ع، ص. 19 ۽ 20)

”پاڇن پويان ڊوڙجي ڪيترو،
خوابن پويان لوڙجي ڪيترو.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 28)

”پکيءَ وانگر اُڏرڻ گهري ٿي هي دل،
ڏسي جيئن سگهي پنهنجي سُپرينءَ جو پار.“ (ڪنڀر، 2021ع، ص# 46)

**9. سماجي تبديلي:**

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.7 No.3, 2023

انسانيت ۽ اخلاقيات: ڊاڪٽر نويده ڪنڀر جي شاعريءَ ۾ انسانيت، اخلاقي قدرن، ۽ امن پسندي جا موضوع پڻ شامل آهن. اهي انسانيت جي عظمت ۽ اخلاقي اصولن جي پاسداريءَ تي زور ڏين ٿيون.

انهن جي شاعريءَ ۾ سماجي تبديليءَ جي خواهش ۽ ان لاءِ جاکوڙ جي جذبي جو اظهار ڪيو ويو آهي. اهي معاشرتي عدم مساوات ۽ استحصال جي خلاف آواز اٿارين ٿيون. "سادن لفظن ۾ اونهيون ڳالهيون لکندڙ ڊاڪٽر نويده جو شاعريءَ ۾ پنهنجو ڌار ۽ منفرد انداز آ، جيڪو احساسن جي ولوڙ کان پوءِ گجگوڙ ڪندڙ نئين جي وهڪري جيان ٻاهر نڪري ٿو ۽ مائٽن جي بهترين تربيت جي زيراثر شاعره جي نفيس سوچن جي ساهمي مان گذري، شاعريءَ جو روپ اختيار ڪري ٿو. شاعري جيڪا هڪ دانهن آهي، هڪ ايف آءِ آر آهي." (ڀنگر، 2023ع، ص. 16)

"هي سڀ دور به متجي ويندا،
منهنجا درد به گهٽجي ويندا." (ڪنڀر، 2021ع، ص# 17)

عورتن کي تعليم ۽ اقتصادي خودمختاري کان محروم رکيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري انهن کي مردن تي انحصار ڪرڻو پوي ٿو. شاعريءَ ۾ عورتون آزادي، خودمختاري، ۽ پنهنجي حقن لاءِ جاکوڙ جي خواهش جو اظهار ڪن ٿيون، جيڪي انهن جي سماجي حالتن ۾ تبديلين جي اميد ڏيکارين ٿيون. محبت جي موضوع ۾ آزادي ۽ خودمختاري کي پڻ بيان ڪيو وڃي ٿو، جتي عورتون محبت ۾ پنهنجي حيثيت ۽ انفراديت کي برقرار رکڻ چاهين ٿيون. ان لاءِ سماج جي گهڻ رخي تبديلي لازمي آهي.

رسمن کان رواجن کان، ٿي پاڻ رهون اونچا،
ڪجهه ڪونه ڪندين دنيا، اعتبار ڪسي تنهنجو. (ڪنڀر، 2021ع، ص. 24)
سارو شهر گناهن جهڙو،
تون ئي صرف ثوابن وانگر.
منهنجيءَ ڳالهه ۾ڪو سُر ناهي،
تنهنجي ذات ربابن وانگر. (ڪنڀر، 2021ع، ص. 16)
زندگيءَ کي جيئون
خودڪشيءَ کان پري
عشق آڙاهه ۾
برهه پنهنجو پري
هل ته نڪري هلو_
وقت آهي اجا! (ڪنڀر،2021ع، ص، 58)

**نتيجا:**

ڊاڪٽر نويده ڪنڀر، جديد سنڌي ۽ اردو ادب ۾ هڪ ابڀرندڙ آواز آهي. هن جي شاعراڻي ڪم جي تفصيلي جانچ ڪندي، هن ابپاس ذريعي فارم ۽ مواد جي وچ ۾ رابطي کي ڳوليو ويو آهي، هن جي ٻولي، ساخت ۽ تصويري جي جديد استعمال کي اجاگر ڪيو ويو آهي. سندس ڪلام جو تجزيو بنيادي فلسفياتي موضوعن کي ڌيان ۾ رکي ڪيو ويو، جيڪي هن جي شاعري ۾ موجود آهن، جن ۾ فيمينزم، وجوديت، انساني فطرت ۽ جبلتون، ۽ عورت جي سماج ۾ سڃاڻپ ۽ معني جي ڳولا شامل آهن. ادبي تنقيد، فلسفي ۽ لساني تجزيي کي ضم ڪرڻ واري هڪ گهڻ-ڊسپلينري طريقي کي استعمال ڪندي، هن مقالي ۾ ڊاڪٽر ڪنڀر جي شاعريءَ ۾ معنى جي پيچيده پرت کي اجاگر ڪري، جديد شاعرانه گفتگو ۾ هن جي تعاون تي روشني وڌي وئي آهي. اهو مطالعو نه رڳو ڊاڪٽر ڪنڀر جي شاعريءَ کي همعصر ادب جي وسيع تناظر ۾ پيش ڪيو ويو آهي، پر فلسفي ۽ شاعريءَ ۾ هلندڙ بحثن سان به ان جي لاڳاپي جو جائزو وٺندي، ڪيس ادبي منظرنامي ۾ هڪ اهم شخصيت قرار ڏنو ويو آهي.

هي مقالو ۾ ڊاڪٽر نويدا ڪنڀر جي شاعريءَ ۾ مليل موضوعاتي عنصرن جو سماجي ۽ ثقافتي تجزيو پيش ڪيو ويو آهي. اهو ثابت ٿيو ته، ڊاڪٽر صاحبه هڪ ممتاز همعصر شاعره آهي، جيڪا هن جي سماجي ۽ ثقافتي تحرڪ جي تشريحاتي اظهار لاءِ مشهور آهي. سندس شاعريءَ جو جائزو ورتو ويو آهي ته ڪيئن هن جي شاعري روايت، سڃاڻپ، صنف، ۽ سماجي انصاف جي پيچيده مداخلت کي ڏکڻ ايشيا جي ثقافت جي حوالي سان ظاهر ڪيو آهي. چونڊيل شاعريءَ جي تجزيي ذريعي اهو معلوم ڪيو ويو آهي ته ڊاڪٽر ڪنڀر شاعراڻين خوبين، علامت نگاري، ۽ ثقافتي حوالن

کي تنقيدي سماجي ريتن رسمن، پدرشاهي ڍانچي کي چيلينج ڪرڻ، ۽ پسمانده ماڻهن جي وڪالت لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن تحقيق ذريعي سندس شاعريءَ جي ثقافتي ۽ سماجي پسمنظر تي روشني وڌي وئي آهي. جيڪي هن جي شاعرانه آواز کي شڪل ڏين ٿا، همعصر ادب ۾ هن جي ڪم جي وسيع اثرن جي باري ۾ بصيرت پيش ڪن ٿا.

ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعري نه رڳو ادبي لحاظ کان اهميت رکي ٿي، پر ان ۾ سماجي ۽ ثقافتي پيچيدگين کي به خوبصورتي سان اُجاگر ڪيو ويو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سماج جي نابرابري، صنفي تفاوت، ۽ ثقافتي ورثي جي اهميت تي خاص زور ڏنو ويو آهي. شاعريءَ ذريعي هن سماجي ۽ ثقافتي تبديليءَ لاءِ مضبوط آواز اٿاريو آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ هميشه لاءِ ياد رهندو. هن مقالي جو مقصد ڊاڪٽر نويده ڪٽپر جي شاعريءَ ۾ موجود موضوعن کي سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر ۾ سمجهڻ ۽ ان جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ آهي.

**حوالا:**


1. ساگر، هرچند، ’لهرون گيت ڳائن ٽيون‘، ولهار پبليڪيشن، ڪراچي، 2017ع
2. ٻرڙو، رياضت، ’مون ذات انوکي آندي آ‘، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2012ع
3. سومرو، ادل، ’تو کان- تو تائين‘ (مهاڳ)، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
4. ڪٽپر، ڊاڪٽر نويده، ’تو کان-تو تائين‘، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
5. ڪٽپر، ڊاڪٽر نويده، ’خواب اڌورا‘، نئون جنم پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2023ع
6. پيرزادو، رحمت، ’تو کان- تو تائين‘ (کل خوشي ۽ ٽهڪ)، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
7. انقلابي، ايڊووڪيٽ احمد نواز، ’تو کان- تو تائين‘ (سماج جو عڪس)، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
8. ينگر، شاھ زمان، ’تو کان- تو تائين‘ (مٽيءَ جي خوشبو)، آزاد پبلشنگ هائوس، حيدرآباد، 2023ع
9. شيخ، ٻانهون خان، ’شاھ جو رسالو‘ جلد ٻئو، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2021ع